SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريه 1989

# SINDH ACT NO.VIII OF 1989

## سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز (ترميم) ايڪٽ، 1989

## THE SINDH CO_OPERATIVE SOCIETIES (AMENDMENT) ACT, 1989

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1925 جي سنڌ ايڪٽ III ۾ دفعه 17_B جو اضافو
Insertion of section 17_B in Sindh Act III of 1925

# سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريه 1989

# SINDH ACT NO.VIII OF 1989

## سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز (ترميم) ايڪٽ، 1989

## THE SINDH CO_OPERATIVE SOCIETIES (AMENDMENT) ACT, 1989

[24 مئي 1989]

ايڪٽ جنھن ذريعي سنڌ ڪو آپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ڪو آپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪو هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز (ترميم) ايڪٽ، 1989 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1925 جي سنڌ ايڪٽ III ۾ دفعه 17_B جو اضافو
Insertion of section 17_B in

2. (1) سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 ۾، دفعه 17_A کانپوءِ هيٺين ريت نئين دفعه جو اضافو ڪيو ويندو.

**"17_B. هائوسنگ سوسائٽي ۾ مفاد جي منتقلي.** ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جو هڪ ميمبر يا هڪ سوسائٽي جيڪا

| | |
|---|---|
| Sindh Act III of 1925 | هائوسنگ ڊولپمينٽ ۾ ڊيل ڪندي هجي اها سوسائٽي جي ميمبر نہ رهندي ان صورت ۾ جڏهن ان جا سمورا مفاد سوسائٽي ۾ غير متحرڪ ملڪيت ۾ ڪنهن ٻئي شخص جي نالي تي وڪرو، وارثي، تحفي يا ٻي صورت ۾ منتقل ڪيا وڃن ۽ اهڙا فائدا حاصل ڪندڙ شخص قاعدن موجب، هڪ ميمبر تسليم ڪيو ويندو:<br>بشرطيڪ اهو تہ جتي هڪ کان وڌيڪ ماڻهو فائدو حاصل ڪري رهيا هجن، جن ۾ باهمي اتفاق هجي، اهو باقي نہ رهي عمر ۾ وڏو شخص ميمبر تسليم ڪيو ويندو، جنهن کي ووٽ جو حق حاصل هوندو جڏهن تہ ٻيا ماڻهو اهڙي حق کانسواءِ ميمبر هوندا:<br>بشرطيڪ وڌيڪ تہ جتي نابالغ يا ذهني طور معذور شخص، مفاد حاصل ڪري ٿو، نابالغ جو فطري يا قانوني سنڀاليندڙ يا جيئن بہ معاملو هجي، اهو شخص جيڪو معذور شخص سان جڙيل هجي اهو ميمبر تسليم ڪيو ويندو ۽ اها ميمبر شپ نابالغ ڏانهن ان وقت منتقل ڪئي ويندي جڏهن اهو نابالغ بالغ ٿي وڃي يا ان معذور شخص جي معذوري ختم ٿي وڃي.”.<br><br>**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |